
# تارا تارن هيٺ

ظفر عباسي



# تارا تارن هيٺ

ٻارڙن لاءِ ڪهاڻين جو ميڙ

ظفر عباسي

ساهتي پبليڪيشن

ڪنڊيارو ضلع نواب شاهه سنڌ

# هڙئي ذميواريون هٿيڪيون

ڪتاب جو نالو: تارا تارن هيٺ
موضوع: ٻارڙيون ڪهاڻيون
ليکڪ: ظفر عباسي
صفحا: ٨٦
سائيز: ڪرائون ٢٠ x ١٦/٣٠
سال نومبر — ١٩٨١ع
ڳاڻيٽو، هڪ هزار
ڇاپو: پهريون.
پوش - فوٽو جو اسڪيچ، هنڌريان سعود راجپوت جي مدد (ڪٽليگرافي)
عبدالله سنڌي
ڪتابت پهريان چار صفحا: شوق خانواهڻ
ملهه: پنج رپيا ٥-٠٠ رپيا
ڇپائيندڙ: ناز سهتو.

پاران: ساهتي پبليڪيشن ڀٽائي بازار، ڪنڊيارو
پرنٽرس، الائيڊ پرنٽنگ ڪارپوريشن، حيدرآباد
ڇپائي سونهان: آگر پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ARA TARAN HEATH (Stars Below Stars) Short stories or children written: by: ZAFAR ABASI. Published by: AZ SAHITTO: SAHITEE Publication Bhitaee Bazar andiaro Disstt: Nawabshah. SIND.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ٻار جي نالي

## ”اُهو ٻار جيڪو مستقبل ۾“

اديب، شاعر، مفڪر، فاضل، ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل، مُصوِّر، پائلٽ، سائنسدان ..............
بڻجي وينداآهي.

اُهو ٻار:
جيڪو ماني، پاڻي، ڪپڙن ۽ ضرورت جي ٻين شين جي ميسر نه ٿيڻ ڪري — مستقبل ۾ - مزدور، ڪاٺير، ٻيرو، فقير...
بڻجي ويندو آهي-

اُهو ٻار:— جيڪو جنم کانپوءِ - گند جي ڍير يا گٽر تان لڌو ويو هجي-

اُهو ٻار:- جيڪو جنم ئي نه ورتو هجي-” ......... هجي....

اُهو ٻار:- جنهن لاءِ ٽئگور چيو آ ته ” هر نئون آيل ٻار، پاڻ سان گڏ هي پيغام آڻي ٿو ته، خدا اڃا انسان مان مايوس نه ٿيو آهي“

ظفر عباسي
1.8.1981

ڪنڊيارو سنڌ

# ڪڙو منجهه ڪڙي

عرفان مهدي
ليک

آڳياڙي
مُنهنجي ذات ڏوهاري،
اِجهو سڄ لٿو......،
چاچو، ولڻ -،
سفارش.
بابا ٻڪ لڳي آ-،
ههاءِ هيءَ حياتي-،
مِند جو انجام-
سِنڌي رسالو-،
اڏوري آس--،
سونا، زيور
ڪرندا قمري ڪوٽ،
تارا، تارن هيٺ
ڪِنهن پڙي،

سنڌي ساهت سال ١٩٨١

# آڳياڙي

**عرفان مهدي**

هن وشال ڌرتيءَ تي روزانو انيڪ مسئلا ۽ بيشمار حادثا جنم وٺندا رهيا آهن، وٺندا رهن ٿا ۽ شايد وٺندا رهندا.

۽ اِن وسيع پٽ تي ڪي انسان ـ ڪلاڪار جو روپ ڌاري ـ پنهنجي پنهنجي سمجهه/ذات مطابق انهن حادثن/مسئلن کي ـ ڪهاڻي/شعر/تصوير/.......... يا ڪو ٻيو روپ ڏيئي ماڻهن جي اڳيان آڻين ٿا.

ـ فن ڪنهن جي ميراث نه هوندو آهي ۽ ڪو به سچو فنڪار پنهنجي فن مان مطمئن نه هوندو آهي. خالق پنهنجي تخليق کي سندر کان سندر بنائڻ جا جتن ڪندو آهي، پر تڏهن ان مان مطمئن ٿي نه سگهندو آهي. ڇو جو فن (ڪنهن به قسم جو) لامحدود هوندو آهي. ۽ ڪو به فنڪار ان کي ڪا ننڍڙي شڪل ته ڏيئي سگهي ٿو، پر محدود نٿو ڪري سگهي.

ٻار ـ هن ڌرتيءَ تي رهندڙ مڙني انسانن مان وڏي اهميت جو حامل آهي. جو ٻار آئيندي جو ابو ۽ مستقبل جو معمار آهي. اڄ جو هر ستو ليکڪ، ٻارن لاءِ نٿو لکي. پوءِ ان ڪاڻ ته ٻارن لاءِ لکڻ لاءِ خود ٻار ٿيڻو پوندو آهي ۽ ڪين اها ڳالهه پسند نه آهي ته هو پنهنجي Lover Step مان موٽي اچي ٻارن لاءِ لکن. ۽ ان سلسلي ۾ ”ظفر عباسي“ جس لهڻي جنهن پنهنجي (بقول سنڌس) Lover Step مان موٽ کائي اچي

ڏٺيو ويو. ظفر جي اها ڪهاڻي اڄ جي سماج تي ابني
چماٽ آهي. ظفر جتي ٻار کي ”ضد ڪرڻ جو انجام“
ٻڌائي ٿو، اتي سندس معصوم ۽ پوتر جذبن کي ”بابا
بک لڳي آ“ جيءَ روپ ۾ پڙهندڙن جي اڳيان پيش
ڪري ٿو. ظفر پنهنجي ڪهاڻي ”سنڌي رسالو“ ۾
سنڌي ٻارڙن کي ”پنهنجي مدد پاڻ ڪريو“ جو سهڻو/
سندر سنديش ٿو ڏي.

– سندس هر ڪهاڻي اسان جي معاشري جي ڪهاڻي
آهي. سندس سڀئي ڪهاڻيون، هڪ آرٽسٽ جي ٺاهيل
مختلف تصويرن سمان آهن، جن ۾ هن جيون جا انيڪ
روپ ڏيکاريا آهن.

بقول شيڪسپيئر ”هيءَ دنيا هڪ اسٽيج آهي جتي
هرڪو انسان پنهنجو پنهنجو رول ادا ڪرڻ لاءِ آيو
آهي“— دنيا جي هن ڏکي اسٽيج تي هلندڙ ڏکي
ڊرامي جا مختلف پهلو آهن. ان ڊرامي ۾ ڪئين هيرا
آهن ته ڪئين ولن ۽ ڪي ڪئريڪٽر رول. ظفر به
ان ساڳي دنيا جو رهاڪو آهي. هي اسٽيج (دنيا) مختلف
حصن ۽ طبقن ۾ ورهايل آهي. ظفر به ان ئي اسٽيج جو
رهواسي آهي. جيڪو خالق بڻجي، پنهنجي حصي ۽
پنهنجي طبقي تي جنم وٺندڙ مسئلن ۽ دشوارين کي
ڪهاڻيءَ جو روپ ڏي ٿو!

ظفر جو قلم ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ خلاف ”حق چوڻ“
جو ڪردار ادا ڪري ٿو. پاڻ حق جو حامي ۽ سچ

جو ملائي آهي. سنڌس ڪهاڻيون ”اڇهو سچ لٿو“ ۽ ”چاچو والڻ“ ۾ ظفر- آهي ڪردار استعمال ڪيا آهن، جيڪي اسان کي روزمره جي حياتيءَ ۾ ملندا رهن ٿا. ”اڇهو سچ لٿو“ ۾ پوڙهو فقير پنهنجي پٽ جي دوا لاءِ خيرات ٿو وٺي ته ”چاچو ولڻ“ کي هارن سان ايڏو پيار آهي جو — ڪمن ڪارڪون ڏيڻ لاءِ سنڌس من ۾ آنڌ مانڌ متل آهي ۽ وقت ڪان ڪجهه پل اڳ سنڌس آنڌ مانڌ به زنگ ٿي لاٿي.

ظفر کي به وڏيون / ڏکيون ڳالهيون نٿو ڪري پلڻ ڌرتيءَ تي رهي نيري نڀ جون ڳالهيون نٿو ڪري. هو هن ڌرتيءَ جون ڳالهيون ٿو ڪري، هن ڌرتيءَ جي انسانن جون ڳالهيون ٿو ڪري، پاڻ هن ڌرتيءَ جي رهندڙ پيڙا پوگيندڙ آدم جون ڳالهيون ٿو ڪري.

ظفر جون پيون ڪهاڻيون. ”ڪرندا تهري ڪوٽ“ ”هاءِ هيءَ حياتي“، ”سونا زيور“، ”ڪٽي بڌي“ ۽ ”تارا تارن هيٺ“ به هن ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ظفر هن ڌرتيءَ جي مسئلن/حادثن کي قلمبند ڪيو آهي. آخر ۾ منهنجي به ڪليا آهي ته ”ڪرندا تهري ڪوٽ“.

١٢—٨—٨١

هالا پراڻا


ٻارڙن جا ميلا منعقد ڪيا ويا ۽ انهن ۾ به اهي ٻار ۽ سندن والدين شريڪ ڪيا ويا جي يا ته ڏوڪڙن وارا هئا يا وري تنظيم جا ميمبر يا انهن ميمبرن جا مٽ مائٽ يا دوست! ڪو هڪ ڪتاب به ڊسمبر جي آخر تائين ميدان تي ڪونه آيو- بس رڳو اعلان ٿيا. (ٻارڙن جي عالمي سال جي سلسلي ۾ ڪتاب ته ڪافي آيا پر اهي يا ته ١٩٨٠ ۾ ۽ يا وري ١٩٨١ ۾) وڏيڪ خبر اها پئي ته سنڌ جي اٽڪل ٩٣% ٻارڙن کي ته اها خبر به ڪانه پئجي سگهي ته ڪو اهو سال سندن سال ڪري ملهايو پئي ويو هيو. ته خبر پر ڇا اسڪولي ٻارڙن کي به نه پيو پتا پئجي سگهي ته هي سال اوهان جو سال آ؟"

هون ۾ ته منهنجون سڀ لاءِ نيڪ خواهشون آهن پر نهايت افسوس سان اهين چوڻو ٿو پوي ته "سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ١٩٧٩ع واري ٻارڙن جي عالمي سال سان انصاف نه ڪيو"

پر ماضيءَ تي مٽو ماري ڪرڻ ڪان سٺو آ ته حال لاءِ ڪجهه سوچجي! رڳو ١٩٧٩ سال نئي ته ٻارڙن جو سال ڪونه هئو - منهنجي خيال ۾ ته هر سال ٻارڙن جو سال آ خدارا اهو سوچي ڪجهه سنڌي ٻارڙن لاءِ ڪيو- نه ته تاريخ ڪڏهن به اسان ۽ اوهان کي معاف نه ڪندي.

ڪنڊيارو سنڌ — ظفر عباسي

١-٧-١٩٨٢





—”بابا .... الله جي نالي.“ ننڍڙو هٿن ۾ ڪستو اڳتي وڌائيندي چيائين.

”چاچا .... معاف ڪر!“ ڪنڌ مٿي ڪري ڏانهنس ڏٺم، سندس نرڙ جون لڪيرون گهريون ٿي ويون، اميد نراسائيءَ ۾ مٽجي ويس، ڪستي کي ايترو تڪڙو پوئتي ڪري ورتائين جو ڄڻ ته مان سندس ڪستي مان ڪا شيءِ چورايان ها. منهن ڦيرائي هڪ ڀيرو وري ڏٺائين! سندس اکين ۾ رحم هو. جڻڪ چئي رهيو هجي ”روز ڏيندو آن اڄ ڇو نه ٿو ڏين؟“

”پر مان ڇا ڪيان؟ دڪاندار جو پٽ! ٽڪو ڪمايون ٽڪو کائون، ڏيڍ سو فقير روز ٿا اچن ڪنهن کي ڏيان ڪنهن کي نه!“

”چاچا....“ اڳتي الائي زبان نه چئي سگهي الائي دل، اڳتي وڌي وري پوئتي موٽي آيو. سندس اکين ۾ نااميدي بجاءِ هاڻي اميد هئي. نرڙ واريون لڪيرون جيڪي اڳ ۾ سمنڊ ڪان به گهريون ٿي ويون هيون سي هاڻ آهستي آهستي ماٿري (Valley) بنجي ويس.

”ويهو ....“ چيم شايد پهو لفظ تڪڙ ۾ سمجهيم ئي ڪونه.

”ويهي ڇا ڪندم پٽ! اجهو سج لٿو ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي.“

”اهو ته صحيح آ پر چاچا ....“ —

”پر ڪي ڪٿي ڇڏ ٻچا! مون کي وچڻ ڏي.“

”چاچا! هڪ ڳالهه؟“ ۽ وڏيڪ چوان ڏسي چوان جملو ڪنهندي ڇپائين.

”ڪهڙي چئم؟“

”چاچا .... اڄ تون اداس ڇو آهين؟“ جا ڳالهه دل مان نٿي نڪتي سا زبان ڇٽي ڏني.

”ابا منهنجي اداسي‌ءَ کي تون ڇا ڪندين؟ اجايو تون به نم اداس ٿي وڃين، منهنجي ڪري!“

”چاچا ڇڏ ضد کي ٻڌاءِ ڪٿي؟“

”پٽ ....!“ هڪندي ڇپائين.

”ها چاچا....“ تڪڙو چيم شايد دل جي اڻ تڻ تيز ٿي چڪي هئي.

”پٽ اڄ ان ڪري اداس آهيان جو ....“ جو، لفظ کي ڊيرو ڇڏيندي چپ ٿي ويو.

”جو چاچا؟“ تڪڙ م چيم.

”جو پٽ! لونگ اڄ بيحد بيمار آهي ۽ ان جي دوا لاءِ پئسا ڪونه آهن.“

”لونگ ڪير آ چاچا؟“

”منهنجا ڏک ونڊائڻ وارو پٽ! پٽ منهنجي زندگي‌ءَ جو آخري سهارو، منهنجو جيون .... منهنجي تمنا.“

”چاچا .... ڙهندو ڪونه آهي ڇا؟....“ مون عجيب سوال ڪيو.

”ابا پڙهندو هو ....“

”پڙهندو هو مان ڇا مراد چاچا؟“

”پٽ پڙهندو هو، هفتو کن اڳ تائين.“

”هاڻي بس ڪئي اٿائين ڇا چاچا؟“

”پاڻ بس ڪونہ ڪئي اٿائين پٽ، پر ماستر بس ڪرائي ڇڏي اٿس.“

”ڇو چاچا؟“ دل اڌما ڪائي رهي هئي.


”پٽ چاڪاڻ جو هو غريب هو .... چاڪاڻ جو هن وٽ فيءَ جا پئسا ڪونہ هئا .... چاڪاڻ جو هن وٽ اسڪول جي نئين ڊريس ڪانہ هئي. ان ڪري کيس ڪڍيو ويو اسڪول مان، ۽ ان ئي ڏک ۾ بيمار ٿي پيو آهي. سخت بيمار! رات سڄي تہ دنيا کان بيخبر هو .... صبح اک پٽي هئائين ۽ چيو هئائين تہ:

”بابا .... اڄ بہ تون مون کي ڇڏي پنڻ ويندين؟“

وراڻيو هوم بچا! تہ، ”تنهنجي خاطر اڄ ئي تہ پنڻو اٿم پٽ! تمام گهڻو .... ايترو، جنهن مان ڊاڪٽر جو پيٽ، پرجي سگهي جنهن مان اسڪول جو خرچ پورو ٿي سگهي ۽ جنهن مان استاد جو بہ پيٽ پرجي ....“

”واقعي تون ڏکويل آهين چاچا؟“ ائين چئي وقت جي ڏيڏ تي سوچيندي، بابا جي پادرن جو بہ سجهندي ڪجهہ سڪا ڪٽي کيس ڏنم، لونگ لاءِ سندس سڪيلڌي لاءِ ۽ سندس زندگيءَ جي سهاري لاءِ.

*





همیشه مرڪنڊڙ مهانڊي تي اج اداسي ڇانيل هئي. بلڪل اداسي....!!!

"ڇو؟"

"ڇاڪاڻ جو وٽس اج ڪجهہ بہ ڪونہ هئو جنهن مان ٻارڙن لاءِ ڪارڪون وٺي اچيءَ ۽ پاڻ بہ روزو کولي ۽ ٻارڙن کي بہ خوش ڪري.

ڪيس ڪا نوڪري چاڪري ڪانہ هئي، بس جي حادثي ۾ سندس سمورو خاندان فوت ٿي ويو هو. هاڻي پاڻ اڪيلو!.... بلڪل اڪيلو. وٽس هڪ اوطاق آ جنهن کي گهر پڻ چوندا اٿس. خدا ڪيس ڪنهن نہ ڪنهن نموني پيو تڳائيندو آهي. پر اج الائي ڇو خدا جي بہ دل تان لهي ويو آهي.

هو اداس لمحن جي لهرن ۾ لڙهندي سوچن جي صليب تي لڙڪندي سوچي رهيو آهي تہ اج هي ٻارڙا مستقبل جا معمار، آئيندي جا ابا، گلاب جيان ٽڙندڙ، رابيل جيان مرڪندڙ، ڇاڇو ولڻ ڇاڇو ولڻ! ڪنڊا روزي کولڻ وقت اچن تہ هو کين ڪهڙو جواب ڏيندو!! ان سوچ بعد هو اوطاق مان نڪري منجهند جو ڏي وڃي، مسجد ۾ خدا کي ياد ڪرڻ ويٺو.

سج لهڻ ۾ باقي اڌ ڪلاڪ وڃي بچيو هو، ڇاڇي ولڻ جي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي ويئي پر ٿڌهن بہ خدا کي سرچائڻ ۾ مگن ۽ مست اڳو پيو هو.

آذان ۾ پندرنهن منٽن جو وقفو هو، چاچو ولڻ اٿيو، اٽي اوطاق ڏانهن روانو ٿيو. مسجد جي در ڏيڻ سان خدا کي چاچو ولڻ ياد اچي ويو. چاچو اڄان اوطاق ۾ گهڙي وڃي کٽ تي مس ويٺو ته در کڙڪيو.

”ڊولڻ هليو آءُ!“ چاچي رواجي جملو چيو.

پريان در وٽان ٽپالي لڏندو لمندو اچي چاچي وٽ پهتو.

”ابا خير ته آهي؟“ چاچي چيو.

”چاچا! بيو مڙيئي خير آهي، اڄ توهان جا ڏوڪڙ آيا آهن.“

”ابا مون ڏانهن ڪير موڪليندو ڏوڪڙ!— ڪنهن کي گهٽا ڏيا آهن؟“

”چاچا!— تون رکو هٿ صحيح ڪر ته ڏيانءِ ۾ سئو رپيا؟“ ٽپالي چپن تي زبان ڦيرائيندي چيو.

چاچي صحيح ڪري پئسا ورتا. پئسن سان گڏ هڪ خط به هو جنهن ۾ لکيل هو ته:

”ابا خوش هوندين!

احوال ته تنهنجي والد ڪان به سئو رپيا اڌارا ورتا هئم پر وري خبر پئي ته هو ته وڃي خدا کي پڙتو. ”الله کيس جنت نصيب ڪري“ هاڻي تنهنجي نالي هي پئسا موڪلي رهيو آهيان.

فقط

ڪوڙل خان

آذان ۾ باقي ڪجهه منٽ وڃي بچيا هئا، چاچو

ڏڪڙو تڪڙو اوطاق پرسان چاچي آچر جي دوڪان تان ڪجھہ ڪارڪون ۽ ڪجھہ بسڪوٽ ڪٽمٽوا وٺي مسجد ڏانھن رخ رکيو اچان در وٽ مس پھتو تہ روزي کولڻ جي آذان آئي پاڻ ھڪ پن ڪارڪن سان روزو کولي باقي سڀ ڪارڪون ۽ ٻيون شيون سندس لاءِ انتظار ڪندڙ ٻارڙن کي ورھائي ڏنائين.

چاچي واڻ جي نماز پڙھڻ لاءِ وڃڻ کان پوءِ ٻارڙن کي اھو چوندي ٻڌم تہ "چاچو واڻ........؟ خوش رھي" "چاچو واڻ خوش رھي" ۽ جڏھن چاچا نماز پڙھي موٽيو تہ سندس ملول ۽ مايوس مھانڊي تي ھڪ ٻيو ورق ساڳي مرڪ تري آئي ھئي مرڪ! اھڙي مرڪ! جيڪا آمر ۽ لازوال ھئي.

★

# سفارش


حکومت پاکستان
ایک روپیہ

— هو ڏرتيءَ تي ڇنل ڪُون وڇايو ويٺو پڙهي رهيو هو. پڙهندي پڙهندي ڪنهن مهل وڃي ٿي ڌرتيءَ سان ٽڪريو، ڄڻڪ پوتر ڌرتيءَ کي سجدو ڪري رهيو هجي..... ۽ وري پاڻ سڀالي پڙهڻ ۾ مگن ٿي ٿي ويو. سندس آڏو بوڪن ۽ ڪتابن جو ڍهو پيل هو. هڪ پاسي کان هڪ ڇمني ٽمڪي رهي هئي - سندس نصيب وانگر.

ان ڇمنيءَ تي ڪنهن ڪنهن مهل پتنگ اچي پنهنجي پنهنجي عقيدت جو نذرانو پيش ڪري رهيا هئا — هو سڄ لٿي کان پڙهي رهيو آهي ۽ هينئر ته چنڊ به پرم ڪانا مٿي چڙهي آيو آهي.

رجب ڳوٺ جي وڏيري جي هاري علي جو پٽ آهي. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ سندس ماءُ وڏيري جي گهر جو ڪم ڪندي هئي. ان جي ۽ رجب جي مزدوريءَ مان هو گهر جو خرچ پکو به هلائيندا هئا ۽ رجب جي پڙهڻ جو به! رجب ننڍي هوندي کان ئي پڙهڻ ۾ تمام گهڻو هوشيار هو پهرئين کان وٺي ناتين تائين پهريون نمبر کٽندو رهيو، سڀاڻي سندس مئٽرڪ جو امتحان هو. ڳوٺ ۾ بجلي هئي ڪانه! ۽ جي هئي ته به رڳو وڏيري جي بنگلي ۾ .... رجب ڪڏهن سوچيندو هو ته ”ڪاش! اسان جي گهر ۾ به بجلي هجي“ پر اهو رڳو هو سوچي ئي سگهيو ٿي.

هن مئٽرڪ جا چار پيپر ڏاڍا سٺا ڏنا هئا...... اڄ سندس آخري پيپر هو. پيپر ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هو پيپر کي تپاسي (چيڪ ڪري) رهيو هو ته اوچتو سندس نظر وڃي پري واري سيٽ تي ويٺل آصف تي پئي جنهن جي هنج ۾ قميص هيٺان ٻڪ پيو هو. هن جي من ۾ هڪ چڻنگ ٻري...... جيڪا ڪجهه وقت کان پوءِ باهه جو ڀنڀٽ ٿي ويئي ـ ۽ هي اهو سور دل ۾ سانڍي نه سگهيو ۽ هڪدم پنهنجي سيٽ تان اٿيو ۽ آصف خلاف اگزمنر (امتحان وٺندڙ) کي شڪايت ڪيائين.

”تون پنهنجو ڪم ڪر ـــ تنهنجو ٻين سان ڇا؟“

اگزمنر جو هي جملو ٻرڇي بڻجي سندس ذهن ۾ لڳو ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪري وري ”پيپر پڙهڻ لڳو“.... دراصل هو آصف جي باري ۾ سوچي رهيو هو ـ ”ڇا هن پوري آڌ نمبر حاصل ڪري نه سگهندس؟“

”ڇا آصف (وڏيري جو پٽ) هن پوري نمبر حاصل ڪندو پر .... پر مون.... ته پيپر سٺا ڪيا آهن“ ۽ خبر نه آهي ته هو ڇا ڇا سوچي رهيو هو.

اوچتو ٻيل سندس سوچن جي ساگر ۾ لهرون پيدا ڪري کيس ڇرڪي ورتو ـ پيپر اگزمنر کي ڏئي هو گهر ڏانهن آيو. واٽ تي کيس آصف نظر آيو جوڪو پنهنجي هڪ دوست کي چئي رهيو هو ته:

”رجب مون تي چغلي هڻي آ ان جو نتيجو مان چڱيان کيس ڏيکاريندس“. پر رجب اهو جملو ٻڌو ان

پڏو ڪري هليو آيو هو - اهو جملو هاڻي ڪيس تڙپائڻ لڳو هو.

ڪافي وقت گذرڻ بعد اڄ سندس رزلٽ اچڻي هئي هو صبح ساڻ ماني کائڻ بغير ئي اخبار وٺڻ ويو. اخبار ۾ جڏهن سندس ”اي“ گريڊ واري ڪالم تي نظر پئي ته ڪانئس چرڪ نڪري ويو. اتي نمبر آصف جو هو. گهڻي ڳولا ڪان پوءِ جڏهن سندس نظر پنهنجي نمبر تي پئي ته سندس نڙيل گل جهڙو چهرو ڪومائجي ويو.... چاڪاڻ جو سندس نمبر بي گريڊ ۾ به نه ”سي“ گريڊ ۾ هاڪي روشنيءَ سان ٽمڪي رهيو هو سندس قسمت جي چمڪ جيان.

*


بابا



—"بابا ........ بابا ........ بُک .... لڳي آ ...." خشڪ چپن تي خشڪ زبان ڦيرائي آلو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي چيائين!

پٽس اهو ٻڌو ان ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ پاسو ورائي منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو.

ننڍڙي نينگر پنهنجو ننڍڙو هٿ پيءُ جي وارن ۾ اڙائين وجهندي چيو جيئن سندس زال ڪيس وارن ۾ آڱرين جي ڦڻي ڏيندي هئي.

"بابا .... بابا .... ڏاڍي بک لڳي آ ....؟"

هن وري اڳ جيان پاسو ورائي منهن ساڳي پاسي ڪري ڇڏيو پر ننڍڙي پٽ جي بک جي صدا ڪيس اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو ته "آخر هو ڪيسين بيروزگار رهندو - اڄ وري ڪيس زال ياد آئي جيڪا جيئري هوندي هئي ته ڪپڙا سبي به پٽ جي پيٽ کي ڇتيون هڻندي هئي. پر ان جي وڃڻ کان پوءِ ئي ڪيس اهو احساس ٿيو هو ته ........"

"بابا ........ بک ........"

پٽ جا اهي جملا ڪنهن پينو فقير جي صدائن جيان ڪيس ڏنگي رهيا هئا. پٽ کي اڌ جاڳ اڌ ننڊ مان آسرو ڏيندي چيائين ته "ابا الله وڏو رحمان ۽ نهايت رحيم آهي - هو اسان ڏانهن ضرور روزي موڪليندو ڇاڪاڻ جو اسان جي روزي جو مٿس ئي ذمو آهي."

”بابا ...... الله ڪٿي آهي؟“

پٽ جي ان سوال کيس سچو سچاڳ ڪري ڇڏيو.

”پٽ الله ڪن جي چوڻ موجب ته ساهه جي رڳ کان به ويجهو آهي پر ايمان لاءِ ته ستين آسمان کان به مٿي آهي.“

”بابا .... ونس ڇا ڇا هوندو آهي؟“ پٽ ڇڇڙ جيان کيس چنبڙي ويو هر هر سوالن جا سوئٽا سندس دل تي هڻي رهيو هو.

”پٽ ان وٽ سڀ ڪجهه هوندو آهي. هن وٽ پنهنجن ٻانهن لاءِ محل ،محلاتون، ميوا، طعام، حورون، پريون، .......... ۽ مطب ته ضرورت جون سڀ شيون هونديون آهن.“ پٽ کي آڻت ڏيندي چيائين.

”اتي کير ۽ ماکيءَ جون نديون هونديون آهن!!؟“

”اڙي چيو مانءِ ته ها -- اتي سڀ ڪجهه موجود هوندو آ- گهڻو تنگ نه ڪر!“

پٽ جي وري وري ڳالهائڻ تي هو تنگ ٿي پيو ۽ پٽ کي ڪاوڙ مان چيائين پر پٽس جي دل ۾ اڻ تڻ تيز ٿي چڪي هئي سو ڏڪندي ڏڪندي وري به چيائينس:

”بابا .... اتي ماکيءَ ۽ کير جي ندين ۾ ٻڏي ڪونه وڃبو؟“

”چڱو هاڻي مات ڪر! مٿو نه کاءُ ته ڪوڙيانءِ نه جوتا!“

”بابا .... بابا مون کي ٻڌاءِ نہ تہ اوڏانهن ڪيئن وڃبو آ.“ هن ٻيءَ جي ڪاوڙ ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏيندي چيو.

”هزار دفعا چيو مانءِ تہ ماٺ ڪر.... ٻڌين ئي ڪونہ ٿو!“ هو ڪاوڙ ۾ نيرو ٿي وڃي ٿو هٿن کي تڪڙو تڪڙو ڪڍي معصوم نينگر جي ڳچيءَ وٽ زور ڏئي ڪاوڙ مان چئيس ٿو ”هاڻي اڳيو پوءِ وڃ الله ڏي، نہ هجي بانس نہ وڃي بانسري! نہ تون ئي هجين ۽ نہ ئي ڪو مون کي تنگ ڪرين.“

”بابا .... بابا .... الله ڏي تہ موڪلين ٿو — مان تہ وڃان بہ ڪٿي پر تون بہ گڏيو هل نہ؟— مٿان رستو ڀلجي وڃان ....“ معصوم نينگر ٿڙڪندي چيو.

نينگر جي ان جملي سندس هٿن کي لوهہ جون زنجيرون ٻڌجي روڪي ڇڏيو. هو پٽ سان گڏ الله ڏي وڃڻ لاءِ تيار ڪين هو، ان ڪري اڄ عهد ڪيائين تہ هاڻي هو ڪيئن بہ ڪري پٽ کي ضرور پاليندو ۽ نہ رڳو پاليندو پر ان کي چڱي طرح نڀائيندو ۽ پڙهائيندو پڻ!

*

هاء

هيَ

حياتي



— "اڙي!... هتي تنهنجي ويهڻ جي جاءِ آهي؟"

سپاهي ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو، "سائين غريب آهيان، مسڪين آهيان، بوٽ پالش ڪري پيٽ پاليان" چوڏهن سالن جو نينگر هٿ ۾ برش جهلي ليلائي رهيو هو.

"سائين جا پٽ — چڏ بڪواس.... گول ٿي وڃ هتان.... اسان جي نوڪري وڃائيندين ڇا؟"

"سائين مان........"

"بس.... بس.... بس! اڄهو هتان وڏو صوبيدار لنگهڻو آهي اسان کي صفائي ڏيکارڻي آهي."

"پر سائين......." ڇوڪر ليلائيندي چيو.

زوردار چماٽ جو آواز آيو — معصوم نينگر جي ڳل تي ڪارا آڱرين جا پنج داغ ٺهي ويا، وري آواز ايامبو. "هل... هتان.... ٽري وڃ اکين آڏو......"

ڇوڪر جا لڙڪ، ڳلن تان سندس ڪپڙن تي ڪري جذب ٿي رهيا هئا.

ڇوڪر اتان اٿيو.... هڪ نظر سپاهيءَ تي وجهي، هوريان هوريان هلڻ لڳو اڄ هو اندر ۾ ويڙهيل پيو ۽ ماضيءَ جي ٻهاڙن ۾ ڀٽڪڻ لڳو.

"هو اهڙي گهر ۾ ڄائو هو.... جنهن گهر جو ڏيئو سدائين ٻرندو رهندو هو! سندس پيءُ ڪنهن ٽر جي وڏيري زمينن جي معاملي ۾ مارائي ڇڏيو هو ۽ ڪجهه وقت کانپوءِ سندس ماءُ پڻ وڃي پنهنجي مڙس سان ملي.

ءِ هاڻي آنڊل اڪيلو رهجي ويو، بلڪل اڪيلو. ماءُ جي مرڻ کان پوءِ هن پڙهڻ به ڇڏي ڏنو هو.... هاڻي هو پالش ڪري، پنهنجو، ننڍڙي ڀاءُ ءِ ڀيڻ جو پيٽ پاليندو آهي. هو سڄو ڏينهن رلڻ سان گڏ سوچيندو به رهيو ته ان جو، سڄ پنهنجو سفر پورو ڪري گهر ڏي ويو.

هن کي ڪيسي ۾ ماني ءَ جا پئسا ڪين هئا. هو اڙڪ لاڙيندو، گهر موٽيو جتي سندس ننڍڙو ڀاءُ ءِ ڀيڻ راهه تڪي رهيا هئا. گهر جو در ڏيڻ سان سندس ڪنڌ هيٺ ڏي ويو. چپ چپات ۾ ڏيڏي ڏيي پريان جاري ۾ پالش جو سامان رکيائين ته ڀائس کيس چيو:

”ڀائو .... ماني آندءِ؟“ ڀيڻس به پريان ڀائس سان انڊي انڊي راند ڪندي ساڳي رڙ ڪئي.

هو ڪجهه ڪچي ڪين سگهيو ساڳي سامان جي ڳوٿري کلهي ۾ اٽڪائي گهر کان ٻاهر نڪري آيو، ان اميد سان ته من ڪو پالش ڪرائي.

*





— رات ڪافي گذري چڪي هئي، سوڍو! ڇهن سالن جو پيارو پيارو ٻار! بي ترتيبيءَ سان چنگهون تيڙي، ٻانهون ائين ڪري، وات پٽي، اوٻاسيون ڏئي، ننڊ جو انتظار ڪري رهيو هو. پر ننڊ ڪانئس ڪوهين ميل ڏور هئي.

پلا ٻڪ تي ٻه ڪڏهن ننڊ ايندي؟

پر پر ماني ٻه ڇو نه تو ڪائي؟ ماڻس هي ڇوڏون دفعو ماني کڻي آئي هئي پر هن ڪائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سوڍو جيترو ڏسڻ ۾ سهڻو هو اوترو ئي ذهن جو ٻه هوشيار ۽ ضد جو ٻه پڪو.

اڄ جيئن ئي دڪان تي پڻس کي ماني ڏئي موٽي آيو، تيئن ماڻس ڪير سان ماني آڻي سندس اڳيان رکي.

”روز .... روز رکي ماني ڪونه ڪائيندس“ سوڍي چيو.

”ابا! اسان پلا زميندار ته ڪونه آهيون جو منجهند جو ٻه ڀاڄي ڪون ۽ رات جو ٻه!“

”ڪونه کپي مون کي ماني .... ڪونه ڪائيندس“ سوڍي ضد جي ڳنڍ ڏيندي چيو.

”پٽ! ڏس ڪمائڻ وارو آهي هڪڙو، يعني تنهنجو پيءُ ۽ ڪائڻ وارا .... اهي ته تون ئي ڪٽي ڳڻ خيرن سان ڏيڍ ٻڙن ڪن ته آهيون. ڀاڻين کي ٻه ٻه سال ٿيا آهن بي — اي پاس ڪيئي، پر اڃان نوڪري ڪانه ٿي ملنس، ان جي ٻه ڇٽي اسان تي! پوءِ تون ئي سوچ ايترو خرچ ڪنداسين ته پورا پئجي سگهنداسين؟“ ماڻس ڪيس

سمجهائيندي چيو.

”پر مان چوان ٿو ته ڪونه ڪائيندس ماني.“ سودي ضد جي گنڍ کي ڇڪي ڇڏيو.

”پر ابا! مانيءَ سان به ڪا ڪاوڙ ڪبي آ؟“ ماءُ وري کيس چيو.

”هڪ دفعو چيم ته ڪونه کپي ماني!“.

”ابا .... ٿڌس پلا ڪو پٽالو ڏٿالو ڏسان ته توکي تري ڏيان!“ گهڙيءَ بعد سندس ماءُ پٽالا تري ماني سان سودي جي اڳيان آڻي رکيا پر سودي ضد کي ڇڏڻ پنهنجي هار سمجهي سو ماني کائڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيائين.

ماڻس به ڪافي منٿ بعد دل تي پٿر رکي چپ ڪري وڃي بتي وسائي سمهي پئي.

اڌ رات گذري چڪي هئي — سڀ گهر جا ڀاتي الوٽ ننڊ جي آغوش ۾ ستا پيا هئا. پر سودي کي ننڊ اچي ئي ڪانه!


هو سوچي ٿو ته ڪا ڳالهه ڪري ماني کائجي اوچتو ڪا ڳالهه سندس دل ۾ ڪر پوپٽ جيان ظاهر ٿي:

هو آهستي آهستي پنهنجي کٽ تان لٿو ۽ سڌو ٻورچيخاني ۾ ويو جنهن جي پرسان سندس پيءُ جي کٽ پئي هئي. هن ماني ڪڍي پٽالن لاءِ جيئن ئي هٿ وڌايو تيئن ئي سندس هٿ وڃي ٿانون جي ڪاري کي لڳو جو

## ٤٥ ضد جو انجام

اچي هيٺ ڪريو. ڪڙڪي تي گهر جا سڀ ڀاتي سجاڳ ٿي پيا. سوڍي کي چور سمجهي سندس پيءُ ٺڪاءُ ڪرايو ڏنڊو مٿي ۾! هو لٽ لڳڻ جي ڪري بيهوش ٿي ويو ۽ ٻتي ٻارڻ ڪان پوءِ خبر پئي ته اهو سوڍو هو!

*





”چاچا....! هي رسالو ڏسان؟“ هن مايوسيءَ وچان ڪتاب گهر تي ويٺل شخص کي چيو.

”پئسا اٿئي ڪيترا؟“

”نه!“

”وڃ پئسا کڻي اچ.“

”ڏسان جي منهنجي ڪهاڻي ڇپيل هوندي ته پوءِ پئسا کڻي ٿو اچان.“

”ٻڌڻ جي ڪهاڻي! وڃ پئسا کڻي آ.؟“

”ڏسان ڪاڏي ته ڪونه ٿو. وڃانءِ؟“

”ڪونه ٿو ٻڌين!۔ اهڙي چماٽ هڻندو سانءِ ....!!“

هو وڪريل قدمن سان گهر ڏانهن ويندڙ رستي تي، هلڻ شروع ڪري ٿو.

”بابا ٻه رپيا ڏي سنڌي رسالو آيو آهي؟“ گهر پهچي نماڻائي سان پيءُ کي چوي ٿو.

”پٽ ڪيڏانهن آڻيان ٻه رپيا ـ اڄها هينئر ڏهه رپيا مليا آ مزوري .... هن مان ڏي سياڻي سڄو ڏينهن خرچ هلائڻو آهي اتان جي ٻه رپيا توکي ڏيان ته پوءِ گهر جو گاڏو ڪيئن گهلبو؟“ ٻس گهر جي خرچ جو تفصيل ٻڌائيندي کيس چيو.

”بابا .... اڳ ۾ ڪتاب گهر واري کي چيو هئم ته سنڌي ڪتاب ۽ رسالا چوڻ ٿو گهرائين۔ ته چيو هئائين ته ”هتي پڙهڻ وارو سنڌي رسالا“ پر هاڻي الائي ڪيئن گهرايا اٿائين جي مان نه وٺندو سانس ته وري ڪونه

# ٥٠ سنڌي رسالو

گهرائيندو.“
”نہ گهرائي تہ وڃي ڪري ڪِٿ جي ٿري ۾.“
”بابا پوءِ سنڌي ادب جو واڌارو ڪيئن ٿيندو؟“
”سنڌي ادب جو قدردان تہ اچي تون ٿيو آهين. پين سڀئي وٺي چڙيا باڙي رهيل بہ تون آهين، ها نہ؟“
”بابا! مون کي بہ رپيا ڏي.“ پيءُ کــي انگل ڪندي وڃي چوي ٿو.
”چگو هاڻي بس ڪر تہ هاڻين نـہ چماٽ درسي ڪتاب پڙهي چڙيئي باڙي رهيا اٿئي ادبي ڪتاب سي ٿو موتبر پڙهي.“
”بابا اهي بہ جو پڙهندو آهيان؟“
”ڙي! بس نہ ٿي اچئي، پڙهين بہ پڙهيو هو، جيئن توکي پڙهايو اٿم پين وڏو ٿو انگل ڪرين – هاڻي جي پئسا گهريا اٿئي تہ ڪيرايانءِ ٿو ناليو اسڪول مان.“
اسڪول مان نالي ڪٽ ڪرڻ جو پڌي هو ڏڪي ويو. هن کي چڪ ڇاڪ لڳو. دو چپ ڪري وڃي کٽ تي سمهي پيو. رات تي چڪي هئي تنهن هوندي بہ ڪيس ننڊ نہ پئي اچي. هو سوچن جي لهرن ۾ لڙهي ويو.
”اردو ڪتاب جي ڏيڍ سؤ صفحن جي ڊائجسٽ جي قيمت چار رپيا تہ سنڌي رسالي جي ٥٠ صفحن جي قيمت ٢ رپيا؟ مهانگائي بہ ايڏي .... اڏين ادب جي ترقي ٿيندي رسالن جي رکندا ڳاڻي پڳي قيمت پوءِ وري چوندا تہ سنڌي ڪ ڪروڙ آهن ۽ رسالا هزار بہ ڪون

تا هلن." اهو سوچيندي سوچيندي خبر ناهي ته ڪنهن مهل ننڊ ڪيس پنهنجي هنج ۾ ڪري ويئي.

*　*　*　*

ٻئي ڏينهن ڪوڙي گهر ۾ رکيل، ڪٽ لڳل ڪپڙي ڪري، ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙن کي ملائي هڪ رسو ٺهيو هو، ڪا سوچ سمجهي ۽ سانڀي شهر کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. شهر ٻاهران وهندڙ شاخ جي ڪپ تي بيهي ديويءَ جي ڪانئن کي ننڍڙن معصوم هٿڙن سان ڪپڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر هيڏي هوڏي ٻه ٽي نهاري ٿو ته متان بابو اچي وڃي، ڇاڪاڻ جو اسڪول کان موٽڻ بعد پيءُ جي مزدوريءَ تي وڃڻ مان فائدو وٺي هو ماءُ کان چوري رسو ڪهاڙي ڪري ڪانيون وڍڻ آيو هو.


ڪافي محنت کان پوءِ ڪجهه ڪانيون ڪپڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، ليڙن جي ٺهيل رسي ۾ ڪانيون ٻڌي گهيتون سيتون ڏيئي مٿي تي کڻي هو شهر آيو شهر ۾ اها ڪانئن جي ننڍڙي ڀري اڍائي رپين ۾ وڪڻي ٻه رپيا هٿ ۾ رکي باقي اٺين آني ڪري ڪانئيچ جي ابداڻي ۾ لڳائي "سڌو ڪتاب گهر" واري وٽ آيو ۽ ڪانئس رسالو گهريائين.


رسالو وٺي سڌو گهر آيو .... پڙهي اچا گهر ڪونه هو. هو پاسي ۾ ڪهاڙي رکي درسي ڪتابن واري جاري

وٽ اچي پرسان پيل ڪٽ تي ويٺو .... رسالي جو پهريون ورق اٿلائي سناءُ ڪان پوءِ پ اکر پڙهڻ شروع ڪيائين جنهن ۾ رسالي جي مرتب لکيو هو ته ”اسان سنڌي رسالن وارن کي سرڪاري اشتهار ڪونه ڏا ملن. ٤ هزار ڪاپي ڇپائي جو تعداد پڻ ڪونهي انهي ڪري ڪتاب مهانگو ٿيو وڃي. پر ته به اسان هن هزار ماڻهن جي خلوص مان مطمئن آهيون ته اسان جي هن ڇپايل ڪتاب کي ضرور خريد ڪندا.“

رسالي جي پن اکرن پڙهڻ سان هن آڏو حقيقت جا پڙي پاسا اچي پيش پيا. هن کي هاڻي خبر پئي ته سنڌي ڪتاب ڇو ٿا مهانگا ڇپجن. گڏوگڏ هاڻي هن کي رسالي خريدڻ لاءِ هڪ سوچ پڻ ملي وئي هن هاڻي سوچيو ته جڏهن به ڪو سنڌي رسالو ايندو ته مان ڪانيون ڪري، ڪپائي به ضرور وٺندس.

*





— روز جيان اج به آفتاب ۽ خانڻ موڪل ملڻ کان پوءِ گڏ اسڪول مان نڪتا. اسڪول جو مک در ٽپيا ته آفتاب وارن جي ڪار بيٺي هئي، ان ڪري آفتاب، خانڻ کان موڪلائي وڃي ڪار ۾ چڙهيو ۽ ڪار زوزاٽ ڪندي هلي وئي. خانڻ کي اڄ الائي ڇو اهي سوچون وڪوڙي ويون ته آفتاب جو گهر، شهر ۾ هوندي به ڪار ۾ ٿو وڃي ۽ مان شهر کان ٽي ميل ڳوٺ کان پري! تنهن هوندي به پنڌ!

اڄ کيس خيال ٿو اچي ته، پيءُ کي چئي ته، کيس سائيڪل وٺي ڏئي .... اوچتو کيس استاد به ياد اچي ٿو وڃي جنهن ڪافي منٿن بعد هڪ مهيني مهلت ڏني هيس ته ”مهيني اندر اسڪول ڊريس ٺهرائي اچ نه ته اسڪول مان ڪڍي ڇڏيندو سانءِ!“

هن اڄ پڪو پهه ڪيو ته بابا کي چوندس ته مون کي هو سائيڪل ۽ اسڪول ڊريس وٺي ڏي.

سوچيندي سوچيندي سندس ڳوٺ اچي ويو. گهر آيو — اندر اچي هڪ کٽ جي ڪنڊڙيءَ تي ڪتاب رکي ماءُ کان باني گهر ياڻين.

ماءُ تڪڙ ۾ قرب وچان جوڙ جي ماني ڳڙ سان آڻي اڳيان رکيس. جيڪا هن کائڻ شروع ڪئي، سندس ماڻيءَ جو گرهه نڙيءَ کان هيٺ مشڪل سان لهي رهيو هو. گرهه کي ڳيت ڏيندي ماءُ کي چيائين.

”امان .... او امان! مون کي سائيڪل وٺي ڏيو پنڌ

ڪريڻڪجي ڏو ڀوان! ۽ امان! ماستر ٻہ چيو آ تہ اسڪول ڊريس نہ پائي ايندي تہ اسڪول مان ڪڍي ڇڏيندوسانءِ.“

سندس ماءُ جي پريشان اکين مان ٻہ لڙڪ ڪرڻ وارا هئا پر هن رئي جي پلاند سان چوهي ورتا ۽ پٽ کي دلاسو ڏيندي چيائين تہ: ”ها پٽ! پهرين تاريخ تي ڪوڙ سامان وٺي ڏينداسين.“

پهرين تاريخ آئي ويئي، پر پگهار ڪونہ مليو ٻي ٽين – چوٿين .... اڄ پنجين تاريخ آهي. سندس پيءُ جيڪو هڪ دوڪان تي نوڪر بيٺل آهي، تنهن کي پگهار ملي آهي – ٽي سؤ رپيا تنهن مان ڪير وارو، سيڌي سامان وارو، پاڇيءَ وارو، ڪپڙي وارو ۽ پيڙين وارو! انهن سڀني کي قرض ڏيڻ بعد باقي وٽس پنجاهہ رپيا بچن ٿا. انهن پنجاهہ رپين مان پٽ کي ڪپڙا وٺي ڏئي، يا سائيڪل! سڄيو گهر جو خرچ هلائي يا ڏکيءَ گهڙيءَ لاءِ رکي.“

هن جي ذهن ۾ مٿيان سوال ڦرڻيءَ جيان ڦرڻ لڳا. پيءُ جي مجبورين جي ڏسي خانڻ اڄ پنهنجي دل ۾ پڪو عزم ڪيو تہ، پڙهڻ کان پوءِ پارڙن لاءِ شئي وڪڻندو. ڪجهہ وقت جي مسلسل ڪوشش جدوجهد ۽ جفاڪشيءَ کان پوءِ هن اسڪول ڊريس ورتي جيڪا سبراڻي، پائي، هو اسڪول ويو.

هو بيحد خوش هو ڇاڪاڻ جو سندس هڪ آس پوري ٿي هئي. هو .... اسڪول کان موٽڻ بعد روز جيان

ڊنهي ڪٿي شهر وڪڻڻ ويو.

روڊ جي پريان هڪ ڇوڪر ڪيس سڏ ڪيو ان ڪري جيئن ڏي هو روڊ مٿي رهيو هو تيئن هڪ تيز رفتار ٽرڪ کيس ڌڪر هنيو - اڳتي هلي وئي. روڊ رت سان ڳاڙهو ٿي ويو روڊ تي هڪ ڦٿڪندڙ لاش ڦٿڪيون هڻي رهيو هو.

”سندس اڌوگابري لاش جو وات چريو .... اوهه.... ظا .... لمو! مون .... تني .... ڪجهه .... رحم .... ڪريو ها .... ڇاڪاڻ جو .... مون کي هڪ .... سائيڪل پئي .... وٺي .... هئي .... پر .... .... .... ۽ هو اڃان ڪجهه چوڻ چاهي پيو پر سندس ڪنڌ هڪ طرف جهڪي ويو ۽ هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو.

*

# سونا زیور



— سندس رحم جو ڳيرن رڙيون پڙاڏو ٻڌجي منهنجي ڪنن سان ٽڪرائجي رهيون هيون. مان سندس آواز تي اڳتي وڌيس ڇٽن سان جو هڪ ڇوڪر پيرن سڙڻ جي ڪري روئي رهيو هو. سندس هٿ ۾ چنبل چمڪ هئي. هو ”لوٽي ٽڪڻ وارو هو.“ پر مون کي الائي ڇو مٿس رحم اچي رهيو هو. جڏهن غور ڪيم ته خبر پيم ته اها ڪشش سندي ٽوپيءَ جي هئي جيڪا سندس مٿي تي پئي هئي.

مون ويجهو وڃي کانئس نالو پڇيو.

”فريد“ جواب ڏيندي ۾ ڏنائين. مون جلدي کيس ڪاهي تي کنيو ۽ کنهن موچيءَ ڏانهن وڃڻ چاهيو ته جيئن کيس چمپل ڳنڍرائي ڏيان. پر سندس دل ۾ وهم ٿي پيو ته هي مون کي ڪيڏانهن کڻي ٿو وڃڻ چاهي — ان ڪري هن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون.

پر مون کيس ٻڌايو ته اسين ڪنهن معصوم کي کڻي ڪنهن پيڻ کان ڀاءُ جدا نه ڪندا آهيون. اهي نڪ حرام ٻئي هٿان ٿي آهيو جيڪي هن گهر جو پوتر پاڻي پي، ان جا ٿي نيمڪ حرام ٿي ان جا ٿي معصوم ٻنهنجي ماماتئن کان جدا ڪندا آهيو.

سندس رڙين تي ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿي ويا ۽ مونکي پڪڙي پوليس حوالي ڪيائون. مون گهڻيون ئي رڙيون ڪيون پر هنن منهنجي هڪ به نه ٻڌي.

پورا ڇهه مهينا جيل جون سختيون سهي جيل کان

ٻاهر نڪتس ته وري روئڻ جو آواز ڪن تي پيئم ته پر ان آواز ۾ ميٺاج آهي. اهو ڇوڪرو پنهنجو آهي. سندس چوڌاري ڪيترائي ماڻهو بيٺا هئا پر اوپرا هئا ان ڪري ڪوبه سندس حال پڇي نه هو- مور ڳوڙ ڪيس دڙڪا ڏئي رهيا هئا - ته "اڙي ڇوڪرو روئين هل هان.... تڙ .... ته چماٽ نه لڳئي."

۽ هو خاموش سڏڪا ڀري رهيو هو. ايستائين ته مان خاموش هوس ڇاڪاڻ جو اڳيئر ڏي سبق سکيل هئم!

پر وري به رت دانگيءَ تي وري سو پنهنجي جي حيثيت سان مون اهو فرض سمجهو تنهنڪري مان اڳتي وڌيس - ويجهو وڃي پڇيومانس:

"ابا! نالو ڇا آهي؟"

ڇاڇا منهنجو نالو "دودو" آهي.

"واهه واهه .... ڪيترو نه پيارو نالو آهي."

پر نالي کان وڌيڪ سندس ٻولڻ پيارو آهي. مون کي پلا هي ٻولڻ پيارو ٿو لڳي ۽ هو نه .... ڇو؟ اهو ان ڪري جو هي پنهنجو جگر آهي ۽ هو ڌاريو!

"ڪيڏو نه فرق آهي، پنهنجي ۽ پرائي ۾ پنهنجي سوچن ڏي سوچن ۾ پاڻ کان سوال پڇي - پاڻ ئي جواب ٿو ڏيان"

"ابا .... ڇو روئي رهيو آهين؟"

"ڇاڇا ....! .... هن .... هن .... لوڏي نڪڻ واري ڇوڪري مون کي ماريو آهي ۽ منهنجي چمپل پڻ

ڦري اڻائين."


منهنجو دماغ چڪر کائڻ لڳو ته چاهي- جن کي ڪالهه اسان هن پنهنجي گهر ۾ قدم رکڻ جي اجازت ڏني اڄ هو ايترا ڏاڍا ٿڙس ٿي ويا آهن جو اسان جي ڌي ڇوڪري کي مار ڏني اٿن ۽ سندس چمپل به ڦري اٿن ۽ وري هن گهر واسيءَ کي دڙڪا به ٿا ڏين.

منهنجا هٿ بي اختيار ان لوڻي ڏکڻ واري ڇوري تي وڃي ڪڙڪيا ۽ پوءِ اهو ڇماڻ جو مينهن وسندو رهيو. جيسين دودي کي چمپل ملي، جيسين دودي کان معافي ورتي ويئي ۽ جيستائين مون ڪي لوهي زنجير ٽاراڻا ويا.

مان پنهنجي هٿن ۾ لوهه جي هٿڪڙين کي سونا زيور سمجهي پائي بيهي رهيس، جيستائين دودو گهر وڃڻ لاءِ گهٽيون مٽائيندو، منهنجي نظرن کان اوجهل ٿي ويو!

*

# عندا
# قهری
# کوت



— ”او هي گرما گرم چڻا.“ لاريءَ جي، بس اسٽاپ تي بيهڻ سان عارب جو آواز اڀريو، ۽ پوءِ ته سندس عجيب قسم جي سرن ۾ هوڪن جو آواز بس جي لوهي لوهي پترن ۽ شيشي جي درين سان ٽڪرجي پڙاڏو بڻجي لاريءَ ۾ ويٺل مسافرن جي ڪنن ۾ گونجڻ ٿو لڳي.

”او هي — گرما گرم چڻا.“ پنهنجي مسالن ڇٽيهه فائدا گرما گرم تازا چڻا جن ۾ چڻن جي ڇهر، ليمن جي لهر! ”ڪڏهن ته خبر پئي دنيا ۾ ڪائي ڪپائي ڪان سواءِ پيو آهي ته ڇا؟“

سندس اڌ ڪان گهڻا چڻا ته سندس ان آواز جي ڪري ئي ڪپندا هئا. ”پين آني جا ڏي هڪ ننڍڙي نينگر ڏانهس هٿ وڌائيندي چيو.“

هن اچا نينگر کي چڻا ڏئي بس ئي مس ٽڪي ته اٺن سالن جي عمر جي هڪ سوٽيل بوٽيل ڇوڪر وات ۾ پان چپاڙيندي، ٽڪ دريءَ مان ٻاهر اڇلائيندي کيس چيو ”ڇهين آني جا مون کي به ڏي.“

عارب کيس هڪ پيرو گهوري ڏٺو ۽ سندس وات کي ائين ٽڪڙو ٽڪڙو هلندي ڏسي کيس ائين محسوس ٿيو جڻ ڪو آٽ پيو اوڳر ورائي.

”گهوري ڇا ٿو ڏسين!“ ”هن“ ڇوڪري جي ٽڪڙ ۾ چوڻ جي ڪري نه رڳو عارب ڪان ڇرڪ نڪري ويو پر رڙ ڪرڻ سان سندس ئي وات مان ڳاڙهو پاڻي ٻڙڪ ڏيئي ٻاهر نڪري پيو.

سندس ان اوپري ۽ بي سري آواز گهٽ ڪي ننڊ مان اٿاري ڇڏيو پر تڏهن به ڪيس پار سمجهي ڪنهن ڪجهه ڪين ڇيو. هن پنهي ڇٽن جو منهن ان آواز ڏانهن ڦيري ويو. ۽ لاڻي ڪهڙي ڪشش جي ڪري ڇٽن انن جا ڇوڪري ۽ ڇٽن انن جا وڏي ڇٽا ورتا. جڏهن ته اهي ڇٽا ٻاروتا هٿا - منجهن نه ليمو نمه مسالو ۽ نه ڏي ٻتالا، چماٽا ۽ بصر هٿا. پر تڏهن به هنن مزي مزي سان پٽي ڪاڏا.

عارب ڪي ڪجهه وقت سوچڻ ڪان پوءِ ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڏي ڪيس اڄ انهن تي ڪاوڙ آئي جي پنهنجن جي دڪانن تان ڇڏو سامان نه وٺندا هٿا. اڄ ڪيس پنهنجو پاڻ تي به سخت ڪاوڙ آئي ڇاڪاڻ جو هو به ڇٽا پنهنجن وڏان نه وٺندو هو. اڄ عارب تي هن واقعي ايترو ته اثر ڪيو جو هن وچن ڪيو ته اڄ ڪان پوءِ هو ڪڏهن پلجي بہ سندن دڪان تان ٽڪي جو به سودو نہ وٺندو ۽ اهڙي ٺي صلاح ٻين ڪي پڻ ڏيندو.

اوچتو بس اسٽارٽ ٿي ۽ هو ٽڪڙو ٽڪڙو بس مان لٿو. پر لهڻ ڪان اڳ هن هڪڙي نظر هنن ڏانهن اڇاي - تيز ۽ ٿهاري!

اڄ هن ڪي پهريون ڀيرو اهو محسوس ٿيو تہ هت جا ماڻهو ايوجهه آهن پر پنهنجا حق وٺڻ خاطر هو ظالم ۽ ٿهاري به بنجي جاڻن. عارب بس ڪان هيٺ

نه ڏن ۾.

هتان جو اهو حال ڏسي، مٿان وري جو هتان جون سون اپائيندڙ زمينون ۽ شاهوڪار ديس ڏٺئين تہ دل چيس تہ ”اتي ڇا آهي، ويهڻ لاءِ رکو ڏاڏي مرحوم جي جاءِ آهي. اها بہ ڇاڻ ٻڌي پوءِ وري ايترا پئسا ڪيڏانهن ايندا جو ان کي ٺهرايون. اهو سوچي پنهنجي ملڪ ويو ۽ هاڻي پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر جا ڀاتي بہ آندا اٿائين تہ من هت ڪا ترقي ٻرقي ٿئي.“

”ڇوڪر جي ٿونٽ لڳڻ ڪري، سندس سوچڻ جو اڻ ڪٽ سلسلو ٽٽڻ ڪري سندس شڪل مان عجيب قسم جا تاثر پيدا ٿيڻ لڳا ۽ شايد سندس تاثرات کي ڏسي ”ڇوڪر“ ڪان ڇٽا ڪائڻ ٿي وسري ويا.

هن مڙسالوءَ اکين ئي اکين ۾ جوش مان ڇوڪر سان ڳالهايو ڇوڪري اهو مطلب سمجهي ورتو ۽ هٿ ۾ پلٽيل ڇٽا واپس پني ۾ وجهي عارب کي چيو—

”هي ڇٽا پاروٽا آهن، ان ڪري نہ ڪپن مون کي چار آنا واپس ڏي!“ عارب هونئن تہ ڪنهن کان ڇٽا واپس ڪونہ وٺندو هو پر الائي ڇا جي ڪري ڪانئس پنهنجا قائدا ۽ قانون ٿي وسري ويا هٿ ٻڳهيري چار آنہ کيس واپس ڏنائين ۽ پنهنجا ڇٽا وني ٿالهہ ۾ وجهي وري زور زور سان هوڪا ڏيڻ لڳو.

اتي هڪ ٻيو ڇوڪرو جنهن وٽ ڪالهوڪا پاروٽا ڇٽا ٿالهہ ۾ هئا اهو بس ۾ چڙهي آيو ۽ آواز اٿاريائين.

لٿو. بس چالو ٿي ۽ منزل ڏانهن راهي ٿي - ۽ ڪجهه لمحن بعد بس نه پر، پويان رڳو دونهون هو گهاٽو. عارب سوچيو ته نيٺ هي دونهون ونڙي ويندو ۽ اکيون اکين جهڙيون ٿينديون!

*

تارا

تارن

ھیت



— ”جهوپڙو“ گنديءَ جي پوپان ظاهر ٿيندي، ٻوڙي،
وڏي نم جي وڻ کي ڇهندي واڻ ڇيو.

پرپان جڙيو ڪاپڄي پيو. ”ڪاپي ويو ڪاپي ويو“ جا هوڪارا ٿي ويا ۽ آڳ جڙئي ٿي آئي.

”مان ڏيڍيءَ ڏي وڃي لڪندس، خانوءَ کي به پاڻ سان لڪائيندس، آءٌ هونءَ ڏي ڦنجهو، سڏو اتي اچجان. مان پڄي ويندس، پڪڙي وجهجانس.“ عارب اکيون پٽندي ڦڪو هنيس.

”چڱو — ٺيڪ آ!“ جڙئي چيو.

عارب ٻوڙندو خانوءَ ڏي وڌيو ۽ کيس گهليندي چيائين، ”اتي ڪٿي ٿو لڪين، اها به ڪا لڪڻ جي جاءِ آ؟ هلي آ ته هيڏي ٿا لڪون. پلي ڏڏي ننهن چوٽيءَ جو زور ، ڏسون ته ڪيئن ٿو ڳولي؟ ها! هاڻي ٿون اتي ويهه ته مان هيڏانهن ٿو لڪان. سڀ لڪي ويا.“

”ها!“

”ڪيان ڪوڪ؟“

”پلي!“

”ڪو — ڪو — ڪو!“ عارب ڏاڍيان ڪوڪ ڪئي.

”بيهه اچان — ڪاپڄي نه پئين!“

”نه يار — پڙتي ويو آ“ ۽ لوهه ڏئي خانوءَ وجهي جهوپڙو ڪيو. شڪي ٿيندي عارب ٻـ..وجي جهوپڙو ڪيو. ڏاڍي ڪاوڙ آيس جڙئي تي. ”الله ڪري ته

ڪوبه ڪاپڇي؛ ته وري لوڙي، هون منهنجي ڳالهه ٻڌي نه ٿو مڃي ڪوبلو! اوهيو "جادُو" به ونگ مان پڇي آيس. اڙي! خانو به گوهي ڏئي ويس. چڱو ٿيس. باقي الله ڪري "علو" بچي، آصف ۽ رجب وارا ته ٻون ٽي ٽڪا اٿس. ها! اتي آصف سان اڙڪيو آن پٽ! علو الائي ڪاڏي ويو اڃان ظاهر ٿي نه ٿيو آهي." هورا ڪورا هيس دل ۾ ته خانوءَ جو آواز ڪن پيس.

"او هي ٿو اچي علو!"

مسين بت ۾ ساهه پيس، "هائي ساڙو ٿي مرندين پٽ! آڏو به آصف ۽ رجب ٿئي! او اتي! رجب به نڪري ويو. اڙي - اڙي هي آصف ڇا ٿو ڪري! ها - ائين ڪرينس متان نه مڃين. هون آيو آ راند ڪرڻ! ميجي اسان "بزرگن" جي صلاح ٿي نه ٿو سو چڙهندو راند ۾! مون چيو ته آهي غريب جو پار سو ڪيانس ٽورو! ڪهڙي ڪل ته ڪو پنهنجي هلائيندو!" سوچ جي سلسلي کي روڪي ڇاڻن پڇي ٿو.

"ابا! - سيني جهوپڙو ڪيو؟

"ها."

ڪنهن کي ٿي نه پڪڙي سگهيو نه؟

"هي ڇا پڪڙي سگهندو جهنٿو!" آصف ڊاڪ تان هٿ لاهيندي چيو.

"چڱو وري وڃي ڪو. ٽڪڙ ۾ ته مان اکيون ٻڏي ڪوڪ ڪيان!" عارب کين چيو.

"اڙي مون ڇا چيو مانءَ ته سڌو هيڏي اچجان؛"

ڇڙڪي کي آهستي چيائين.

”يار ڳالهه ٻڌ نه! رحيم هتان لوهه ڏني، مون جي ايڪي ڦڪڙي وجهندو مانس پر ..............“

”پر – پر – رڳو تنهنجي پنهنجي ڳالهه ڏي! هر ڪم چالاڪيءَ ۽ ڪنهن جي ساٿ کان سواءِ نه ٿي سگهندو آ. سنئين راند سونٽي جي هٿي ڪار ناهي. ڏسان ته تون هاڻي ڪيئن ٿو ڪنهن کي ڪاپائي سگهين.“

”يار!– ائين نه ڪر! ڪاوڙ سا به مون سان، ڏس! مون ڪونه اڳي اڃي ڏڪر واري ميچ ۾ تنهنجي مدد ڪئي هئي.“

”اڙي هل هل! ڪهڙي منهنجي مدد ڪئي هئي؟“

”نو جنان سٽ گهريا هئا اتان قسمان پنجاهه به نه ٿين ها. اهو مان هوس جو آڪ کي چيو هوم ته ”ڏي ويندا“ تڏهن ته ڏنا هئائين نه ته سٽ به وڃنئي ها ته آڪ به – پو مان به ڏسان ها ڪيئن ميچ کٽين ها؟!“

”اوتري مون هن ونهه ونڀيءَ ۾ ڪونه تنهنجي مدد ڪئي هئي ۽ هاڻي به! نه مڃيندين منهنجي، ته پو مان ڇا ڪيان؟“

”يار – ائين نه ڪر!“

”ڇا ه ٿي پوي،“ تارب چڪ ڏئي سندس اکيون ٻڌي سڌو خانوءَ ڏي ويو.

”ڳالهه ٻڌ! تون ورانڊي وارن ٻن ونگن جي وچ واري ٿنڀي جي پويان وڃي لڪي ڪوڪ ڪر – مان

جهوپڙي واري وڻ جي پوپان ٿو وڃي لڪان!“

”ٺيڪ“ چئي خالو ونگن ڏانهن هليو ويو ۽ عارب جهوپڙي ڏي. وڻ جي پويان پهنوڻي مس ته ڪوڪ ٿي جڙئي چڪي اکين تان اگوشو لاٿو. گهڙيءَ لاءِ اکيون چنيهندو رهيو ۽ پوءِ صفحي جي پوئين پاسي ڏانهن ڊوڙيو ”جهوپڙو!“

چڻ برڪ لڳي ويس جهٽ ڪن لاءِ پٿر بڻجي ويو. ذهن منتشر سوچڻ جي ناقابل - پر قدمن تي. مس پهتو ته جهوپڙو!

”ڪٿي لڪل هو؟ ڪٿان آيو؟ ڇو جهوپڙو ٿي ويو؟“ ننڍڙي ذهن جي لحاظ کان وڏا سوال. لمحي لاءِ سوچيائين ۽ پوءِ ورانڊي کان ڊڪ پرپائين. ساڄي ونگ مان ڏٺيو ته ڪاهي مان خالوءَ به اچي جهوپڙو ڪيو ۽ پوءِ ته پريان باغ واري پاسي ڏانهن سڀني اچي جهوپڙو ڪيو. ڪنهن ڏي به پنهنجي نه ڏسي ڏکوئجي ويو ۽ پوءِ چيائين.

”من بس ڪئي!“

”آڪ نه ڏيندو آڪيهڙو - ماڻس پڻس جو ڪيهڙو!“ جڙئي جو انهن چوڻ ۽ پارن جو سر سان ڳائي ڪوس جڙائڻ ماءُ ۽ مرحوم پيءُ جي شان ۾ گستاخي! چاهيائين ته سڀني پارن کي، اکيون ڀڏڻ واري انگوشي سان سونٽو ڏاهي مار ڏئي پر اچان سوچ ۾ ئي هو ته عارب اچي ڳلي کان ورتس.

”اشرافت ۾ آڳ ڏي نہ تہ ڪچيانءِ نہ بانا! اهڙو آن تہ پنهنجي آڳ ۾ بس ڪجان!“

”دهلجي ويو ۽ پوءِ ڪجهہ سوچي چيائين: ٺيڪ آ مان آڳ ڏيان ٿو!“

”ايترو زور تہ نہ ڏي، اڪيون ٿو ٻڌين يا موراڳي ٿو ڪڍين.“


”هون - راند ڪيڏڻ ڪو مڻائو ڪم آ ڇا؟“

”چڱو چئي لمحي ڪان پوءِ ذرڙ ڪي تاڻي ٿو، ٿورو انگوشو ڍلو ٿو ٿئي. ڪنهن جي منهن سان ٽڪرُ ۾ انگوشي ڪي ٿورو مٿي ڪري ٿو وٺي - ٿوري نظر پئجي سگهي پئي - گلو باغ ڏي پئي ويو عارب ٽالهيءَ تي پيو چڙهي—

”ٺيڪ آ!“

۽ پو ڪوڪ ٿي ٿئي - ۽ جڙيو ڊوڙي وڃي ٽالهيءَ جي وڻ هيٺان بيهي ٿو رهي.

*





”ٺڙ....“ چماٽ اياز جي ڳل ۾.
”اڙي انهي ڪالهوڪي ڇوڪري سان ڳنڍ گهمندين؟“
اياز چپ - جهڙي پٿر.
”ٻڌاءِ نه ته آئندا ڪڏهن ڇڏيندو سان؟“
اياز ڪان چڙ ڪري نڪري ويو.
”نه بابا.“
”هون! ڪٿي اسان جي عزت، ڪٿي انهن ڪميڻن جي! اڙي ڪهڙي شئي گهرجي - جيڪا نه اٿئي ٻڌاءِ ته هينئر ئي گهرائي ڏيانءِ، اجايو لوفر ڇورن سان گهمي، اسان جو به وقار ٿو وڃائين.“
۽ پوءِ رئيس نورالدين جيپ ۾ چڙهي ٻنيءَ ڏي هليو ويو.
۽ پوءِ اياز سڀ راڻديڪا هڪ هڪ ڪري ٻيچي ڇڏيا.
”راڻديڪو دل پرپائي سگهي ٿو؟“ اياز نم جي وڏي وڻ جي هيٺان ڇپر ۾ ويهي سوچي ٿو.“ نه نه. راڻديڪو رڳو وقتي طور تي سڪون ڏئي سگهي ٿو- دل لپائي سگهي ٿو پر ........ آخر هي جانو، خانو، وريام، گلو، ولو هي هيترا سارا ٻار پاڻ ۾ راند ڪيڏن ٿا، انهن کي ڪا عزت ڪانهي. ڇا ٿيندي آ عزت! مون کي ته اهو حق ڪونهي مان ڳوٺ جي ٻارن سان راند ڪيڏي سگهان. هي نوان نوان راڻديڪا هي موٽرون، هي گڏا ۽ هي هي ........ هي ته اڪيلي کي ئي سڪون ڏئي ٿا، سگهن ۽ منهنجي ته دل کي سڪون گهرجي

۽ دل ڪي رانديڪا سڪون ڏئي نہ ٿا سگهن. دل کي تہ مون جيڏا ئي سڪون رسائي ٿا سگهن. خير ـــ اڄ آخري دفعو تہ گلاب سان ملي اچان" اهو سوچي هو ڏڪندڙ قدمن ۽ تيز ڌڙڪندڙ دل سان اٿي گلاب وارن جي گهر ڏي وڃڻ ٿو لڳي.

"پٽ رئيس وڏي واري ڇوڪري سان نہ گهمندو ڪر! هو رئيس ماڻهو آهن - اسان غريب، ڪٿي انهن جي عزت، ڪاٿي اسان جي - ڌرتي ۽ آسمان ڪڏهن بہ ملي نہ ٿا سگهن پٽ! تون ـــ تون هٿي رانديڪن سان کيڏندو ڪر."

اياز در ڪان هٽي ويو- ذهن ۾ نوٽن راند کيڏڻ لڳس. "هن جي ماءُ ڪيئن مون کان جهلي رهي آهي- ها اها تہ ڳالهہ واقعي صحيح آ تہ آسمان ۽ زمين جي پاڻ ۾ مليا تہ هيءَ ڪائنات ڇيهاڇيهي ٿي وينديءَ پر ـــ ڇا او، هو، سامهون پري پري آسمان ۽ زمين ڪونہ مليا آهن؟- ويجهو تہ اسان بہ نہ مليا آهيون بابا جي چوڻ تي ڳوٺ جي تہ ڪنهن ڇوڪري سان سنگت نہ رکيم پر هاڻي هي تہ پري ڪان ڪٿان لڏي آيا آهن، هن سان بہ مان .... ڇو ٿو بابو جهلي تہ انهيءَ سان بہ نہ ڳالهاءِ؟"

"اياز اٿي بيٺو آهين؟"

"توسان ملڻ آيس وري اٿي ڏي بيهي رهيس." گلاب هن جي منهن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٻنهي ڪنڌ هيٺ

ڪري ڇڏيو.

”اڄ ته واهه تان ڇڪر ڏئي اڇون.“ اياز چيس.

”نه يار! ٿورو ڪم آ مون کي!“ گلاب جان ڇڏائڻ اري انداز ۾ چيو.

اياز سمجهي ويو ۽ چيائينس:

”گلاب اڄ اسان جي ملڻ جو آخري ڏينهن آ. اڄ کان پوءِ شايد ڪڏهن به ملي نه سگهون ۽ تون اڄ به..........“

”ڇگو“ ۽ پوءِ هو ٻئي ڪنڌ هيٺ ڪيو چپ چپ هلندا رهيا. واهه جي ڪپ تي پهچي اياز کيس چيو:

”ماسي توکي مون سان ڳالهائڻ ۽ ڪٿي گهمڻ تان چو ٿي جهلي.“

”اها ته مون کي به خبر نه ٿي پوي!“

”ڇگو ٻڌ!- سياڻي ڪان وٺي اسان پاڻ ۾ ڪونه ڳالهائيندا هئاسين ۽ نه ئي ملنداسين - توکي ڏک ته ضرور ٿيندو پر ٻڌاءِ ياد ڪندين؟“

”ياد - چو نه - پر ڏک! ڏاڍو رسندو. هون ته هن اڳئين ڳوٺ ۾ مون ننڍپڻ کو ڇوڪرو ڪونه ڳالهائيندو هو ۽ جي مان ڳالهائيندو به هيومان ته هو مون کي ”ماءُ تي ڳاريون“ ڏيندا هئا. پر هتي ته اسان جي سنگت پڪي ٿي وٺي هئي پوءِ به الائي چو....؟“

”ڇڏ هاڻي انهي ڳالهه کي اٿ هاڻ ته هلون!“ ۽ پوءِ هو اٿي واپس ورڻ لڳا ٿا. اچان گلاب وارن جي

گهر ۾ ڪجهه فاصلو هو ته هنن هڪ ٻئي کان موڪلايو.
اوچتو اياز جي نظر گلاب وارن جي در تي پئي جتا
کيس پنهنجو پيءُ رئيس نورالدين، وڏ ڦاهيندي، ٻا
نڪرندي نظر آيو. اياز تڪڙ ۾ وڻ جي اوٽ و
ويو ۽ سوچڻ لڳو ته ”جيڪڏهن بابا مون کي گلا
سان ڳالهائڻ ۽ گڏ گهمڻ تان جهلي ٿو ته پاڻ گلاب
وارن جي گهر ڇو ٿو وڃي؟“ کيس ياد ٿو اچي پئ
ڇيو هوس ته ”ڪٿي اسان جي عزت! ڪٿي انهن ڪميڻ
جي عزت!....“ ”جيڪڏهن هي ڪميڻا آهن ته پوءِ باب
پاڻ انهن ڏي ڇو ٿو وڃي؟“

سامهون ڏنائين ته گلاب آخري دفعو ڏانهس ڏٺو!
۽ پوءِ هن جي اکين ۾ گلاب جو فوٽو ڌنڌلو ٿي ويو.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)